ماہنامہ

# سائنس

جون ۱۹۷۲ء



# سائنس

ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن طرفان تعليمي ادارن لاءِ منظور ڪيل



مئنيجنگ ايڊيٽر

ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي

اسسٽنٽ ايڊيٽر

مرتضىٰ ڀٽي - ظفر حسن

ايڊور ٽائزمينٽ انچارج

گل محمد مستوئي

آفيس

”انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري“
يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو
فون :— 25981/9


سر ورق

دنيا جا قديم حيوان

(١) ساڄي پاسي: ”انڪائلوسارس“ (Ankylosaurus)
(٢) کاٻي پاسي: ”ٽائرنوسارس“ (Tyrannosaurus)


سال ........ [٢]
پرچو ........ [٦]

جون ١٩٧٢ع


قيمت

في ڪاپي———٧٥ .
ساليانو —

خط و ڪتابت

مضمون لاءِ:- ”...
ساليانو خريداري لاءِ:- ”...


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.



انساني زندگيءَ جي فلاح ۽ بهبود لاءِ سائنس جي جديد نظرين کي قبول ڪري، انهن تي عمل ڪرڻ ۽ سائنسي ادب ذريعي عام ماڻهن کي انهن جي فائدن کان آگاه ڪرڻ جي شديد ضرورت جيتري هن وقت محسوس ڪئي وڃي ٿي، اوتري هن کان اڳ ڪڏهين به محسوس نه ڪئي ويئي هئي. سائنس جي جديد ترين ايجادن ذريعي اچوڪي دنيا ۾ ظاهر ٿيندڙ انقلابي تبديليون قومن جي قسمتن تي اثر انداز ٿي رهيون آهن ۽ انهن حقيقتن جي پيش نظر شايد ئي ڪو ذي فهم، سائنسي ترقيءَ جي اهميت کان اڻ ڄاڻ هجي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي اختياريءَ وارن کي وقت جي اهڙي تقاضا جو احساس ته اڳيئي هو جنهنڪري درس و تدريس جي ميدان ۾ اهي پنهنجي وس آهر ڪافي ڪم ڪري رهيا آهن، پر سائنسي علمن کي علائقي جي اڪثريتي ۽ مادري يعني سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ آڻڻ لاءِ هنن ويجهڙائيءَ ۾ ڪي عملي ۽ بامقصد قدم کڻڻ شروع ڪيا آهن، جن مان "ماهنامه سائنس" جو اجراءُ پهريون قدم آهي. ساڳئي مقصد هيٺ "سائنس پبليڪيشنس" جي نالي سان قائم ڪيل نئين اداره طرفان سائنسي موضوعن تي مستند ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو پڻ عنقريب جاري ٿي رهيو آهي. "ماهنامه سائنس" ذريعي هيستائين سائنسي ادب جي خاص ميدان ۾ بجا آندل خدمتن جو جيڪو خوشگوار رد عمل ظاهر ٿيو آهي، ان مان ائين سمجهڻ بيجا نه ٿيندو ته سنڌيءَ ۾ سائنسي ڪتابن جو سلسلو نه رڳو نئين دؤر جي تقاضا مطابق اسانجي نؤخيز طالب علمن لاءِ پر علمي ذوق رکندڙ عوام جي مختلف طبقن جي ذهني پرورش لاءِ به مددگار ثابت ٿيندو.

سائنسي نظرين جي پرچار لاءِ مذڪور اشاعتي پروگرامن تي عمل ڪرڻ کانپوءِ ان ڏس ۾ هاڻي هڪ ٻيو نمايان قدم کنيو پيو وڃي. اهو آهي سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان "سنڌ سائنس سوسائٽي" کي "سائنس ڪانفرنس جي انعقاد" لاءِ مدعو ڪرڻ - سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ پنهنجي نوعيت جي اها پهرين ئي ڪانفرنس هوندي، جنهن ۾ سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين حصن جا ممتاز سائنسدان، دانشور ۽ پيشه ور ماهرين سائنسي موضوعن تي پنهنجي خيالات ۽ جذبات جو اظهار ڪندا. هيءَ ڪانفرنس منعقد ڪرڻ جو هڪ مقصد اهو به آهي ته علائقي جي ماڻهن ۽ تعليم سان تعلق رکندڙ حلقن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي وسيلي جديد سائنسي علمن ڏانهن لاڙو رکڻ جي ترغيب ڏني وڃي. اميد ته سنڌ يونيورسٽي ۽ سائنس ڪانفرنس جا منتظمين انهيءَ نيڪ مقصد ۾ توقع مطابق ڪامياب ٿيندا.

سائنسي سرگرمين جي حوصله افزائيءَ لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اختياريءَ وارن، خصوصاً موجوده هردلعزيز وائيس چانسيلر جناب حسنعلي عبدالرحمان، وقت بوقت جنهن نيڪ جذبي ۽ دلچسپيءَ سان تعاون ۽ همت افزائي پئي ڪئي آهي، انهيءَ لاءِ اسين سندن شڪرگذار آهيون ۽ اميد رکون ٿا ته سندن ڪوشش سان سنڌ يونيورسٽيءَ جهڙو عظيم تعليمي ادارو ڏينهون ڏينهن ترقيءَ جي راه تي گامزن ٿي پنهنجي علائقي جي گهڻي کان گهڻي خدمت ڪندو رهندو.

سائنس ڪانفرنس جي موقعي جي لحاظ کان اسين "ماهنامه سائنس" جو ايندڙ پرچو هڪ خاص نمبر جي صورت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. خدا گهريو ته اهو خصوصي ايڊيشن به ٻين پرچن وانگر پنهنجو مقرره معيار برقرار رکندو.

# ”بيريليم“ ← هڪ قيمتي ڌاتو

”بيريليم“ (Berelium) هڪ ڌاتو آهي، جيڪو ويجهڙائيءَ واري زماني ۾ لڌو ويو آهي. جيئن ته پهريائين هن جي استعمال جي ڪنهن کي خبر ڪانه هئي، تنهن ڪري ان کي بيڪار سمجهيو پئي ويو- ڪجهه وقت وقت ڪانپوءِ انجي ڪارج جي سڌ پيئي، جنهنڪري انجي گهرج وڌڻ لڳي ۽ جڏهن ضرورت وڌڻ لڳي، تڏهن وري انجو ملڻ مشڪل ٿي پيو، جيڪڏهن مليو ٿي ته به ڏاڍو مهانگو. تنهنڪري ان جي ڳولها شروع ڪئي ويئي ۽ آخر وڏين ڪوششن ڪانپوءِ هينئر نه فقط انجا ذخيرا مليا آهن، پر انجي ڳولها جو طريقو به معلوم ٿي ويو آهي.

اڄوڪي دور ۾ ”بيريليم“ هڪ اهڙو قيمتي ۽ ضروري ڌاتو آهي، جنهنجو وسيع استعمال خلا ۾ موڪلڻ وارن جسمن، ميزائيل، ڪمپيوٽر ۽ لا شعاعي نلين وغيره ۾ عام آهي. اڄ ڪان اٽڪل ڏيڍ سو سال کن اڳ- هي ڌاتو ڳولي لڌو ويو هو. ان ڪانپوءِ اٽڪل هڪ صديءَ تائين اهو تجربه گاهن ۾ مختلف مرحلن مان لنگهندو رهيو. ان ڪانپوءِ هڪ اهڙو دور آيو، جڏهن سائنس آخرڪار انجو ڪارآمد استعمال ڳولي ڪڍيو ۽ ٽامي سان گڏيل مرڪب جي صورت ۾ بجليءَ جي سئچن وغيره ۾ استعمال ٿيڻ لڳو.

وري جڏهن خلائي دور آيو ته انجي استعمال ۽ ڪارآمد ٿيڻ جو وڌيڪ احساس ٿيو؛ پر معلوم ٿيو ته هي ايتري وڏي انداز ۾ آهي ئي ڪونه، جو اسانجون ضرورتون پوريون ڪري سگهي. ان ڪانسواءِ انجي سڃاڻپ به هڪ مشڪل مسئلو هو، ڇاڪاڻ ته هي خالص حالت ۾ موجود نه هوندو آهي ۽ گندڪڇري سان اهڙيءَ طرح ته مليل ملندو آهي، جو انکي سڃاڻڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو آهي. هينئر ڪئناڊا ۾ بيريليم جي ذخيرن جي امڪانن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اوزار ٺاهيو ويو آهي، جيڪو انجي نشاندهي ڪري ٿو. ان اوزار کي ”بيريلو ميٽر“ (BerryloMeter) چيو وڃي ٿو. انجي استعمال سان پهريون ڀيرو اهو امڪان پيدا ٿي ويو آهي، ته انجي ڪچي ڌاتوءَ جي ذخيرن جو پتو پئجي سگهندو. ڪيترين ڪمپنين انجي ڳولا جو ڪم به شروع ڪري ڏنو آهي.

## بيريليم جون خاصيتون

هيءَ ڌاتو اليومينيم جي مقابلي ۾ تمام هلڪو ٿيندو آهي، پر ٻين سڀني ڌاتن ڪان وڌيڪ سخت ٿيندو آهي. طاقت ۾ ڪنهن به فرق اچڻ ڪانسواءِ حرارت جو تمام وڏو مقدار جذب ڪري وڃي ٿو ۽ سختيءَ ۾ فولاد ڪان وڌيڪ سخت ٿيندو آهي.

خلائي پرواز جي سلسلي ۾ موجوده منصوبو اهو آهي، ته خلا ۾ موڪلڻ وارن ڪئپسولن تــــي بيريليم چڙهيل هجي، جيڪو انهن کي تپش ڪان بچائي. ڪئپسولن جي نقشه سازي ۽ منصوبه بندي ڪئي ويندي آهي؛ جيئن اهو خلا ۾ انسان کي وٺي وڃي ۽ موٽائي سگهي. بيريليم جــــي استعمال سان ان ڳالهه جو پورو امڪان آهي، ته اهو انسان کي وڌ ۾ وڌ تپش ۽ انتهائـــــي تبديلين ڪان محفوظ رکي سگهندو. پرواز جي سلسلي ۾ وزن جو گهٽ هجڻ انتهائي ضروري آهي ۽ بيريليم ان مقصد جي به پورائي ڪري ٿو؛ ڇاڪاڻ تـــه انجو وزن ٽيٽينم ۽ اليومينم ڪان بــه گهٽ هوندو آهي. اليومينم جي وزن ڪان هن جو وزن چوٿون حصو گهٽ آهي.

## بيريليم جا استعمال

ٻين ڌاتن کي انتهائي سخت بڻائڻ لاءِ بيريليم کي ملاوت طور به استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثال طور جيڪڏهن نڪل سان هـــن جو ١٠٨ فـي سيڪڙو ملايو وڃي ۽ باهه ۾ تپايو وڃي، ته اهو نئون ٺهيل ڌاتو ٻه لک سٺ هزار في چورس انچ جي طاقت جـــو بچاءُ ڪري سگهي ٿو. خودڪار پسٽن، اعليٰ دٻاءَ جا سلينڊر، پلگ اسپارڪ وغيره ۽ برقي پورسلين وغيره اڄ ڪالهه ڪامياب ۽ نفعي واري طريقي سان ان ٺئين ڌاتوءَ مان ٺاهيا وڃـــن ٿا. ان ڪانسواءِ هي ائٽمي طاقت ۾ نيوٽران کي منعڪس ڪرڻ لاءِ به استعمال ڪيو وڃي ٿو.

# گليليو گليلي

## جنهن پنهنجي سائنسي نظرين ۽ کوجنائن جي عيوض قيدجي سزا کاڌي

اڄ کان اٽڪل چار سؤ سال اڳ اٽليءَ جي شهر پيزا (Pisa) ۾ دنيا جو هڪ عظيم فيلسوف، انقلابي موجد ۽ علم نجوم جو محقق ”گليليو گليلي“ پيدا ٿيو. گليليو جي خاندان جو شمار اٽليءَ جي باعزت گهراڻن ۾ ٿيندو هو. ملڪي سياست ۾ به هن خاندان کي نمايان مقام حاصل هو. گليلوجو والد جيتوڻيڪ مالي لحاظ کان آسوده حال نہ هو پر علمي لحاظ کان هو هڪ مسلمہ رياضي دان ۽ علم موسيقيءَ تي پختي راءِ رکندڙ هو.

ذهين گليليو کي ننڍپڻ ۾ ئي مشينون ٺاهڻ جو شوق هوندو هو. اهي مشينون جيتوڻيڪ ٻارن جي رانديڪن جهڙيون هونديون هيون پر انهن کي ڏسڻ سان انهن جي ٺاهيندڙ جي بي پناه ذهانت ۽ مستقبل جي عظمت جو پتو پئجي ويندو هو. هنجي علمي زندگي بہ شروع کان ئي تمام نمايان رهي آهي. فلورنس جي ويجهو جنهن مذهبي اداري ۾ تعليم حاصل ڪندو هو، اتي سڀيئي سندس لياقت کي ساراهيندا هئا. هن نہ رڳو لاطيني زبان پر يوناني ۾ بہ جلدئي مهارت حاصل ڪري ورتي هئي. گليليو جي پيءُ سندس تعليم مذهب تائين محدود رکڻ نٿي چاهي تنهنڪري هن کيس علم طب ڏانهن رغبت ڏياري ڇو تہ هنجي خيال مطابق اهو علم، موسيقي يا رياضي کان وڌيڪ مفيد هو ۽ اهڙي طرح مستقبل ۾ گليليو جي مالي حالت بهتر ٿيڻ جي پڻ توقع هئي. اجا گليليو جي عمر ١٨ سال ئي مس ٿي تہ کيس پيزا يونيورسٽيءَ ۾ داخل ڪرايو ويو جتي هنجي علمي لياقت ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو. اتفاق سان هڪ دفعي هنکي ”اوسٽليوريسي“ نالي جاميٽريءَ جي هڪماهر جو ليڪچر ٻڌڻ جو موقعو مليو جنهن کانپوءِ هو سائنس ۽ رياضيءَ جي علمن ڏانهن راغب ٿي ويو.

پنهنجي مشغلن ۾ ڪجهہ عرصي جي لاهين چاڙهين کانپوءِ هن هائڊروسٽيٽيڪل بئلنس (Hydrostatical Balance) بابت هڪ جامع ۽ معلوماتي مضمون لکيو جنهن سندس شهرت سڄي ملڪ ۾ پکيڙي ڇڏي ۽ هڪ نئين علمي نظريہ جي تحقيق جي

سائنس



١٦١٠ع ۾ گليلو جو ٺاهيل پهريون ٽيلي اسڪوپ

جي آڌار تي کيس فلورنس يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو. اڳتي هلي هن ڊائناميڪل (Dynamical) سائنس جي اوائلي اصولن جو بنياد رکيو ۽ اتان ئي سندس ۽ مذهبي پيشوائن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي. ان نظريہ جي ترديد ۾ تہ بلنديءَ کان زمين ڏانهن زياده وزني شي گهٽ وزني شي کان پهرين ڪري ٿي، هن يونيورسٽيءَ جي استادن ۽ شاگردن اڳيان هڪ عملي مظاهرو ڪيو - پيزا ٽاور تان هن ٻہ مختلف وزن رکندڙ شيون زمين تي اڇلايون تہ اهي ٻئي هڪ ئي وقت اچي هيٺ ڪريون. اها تحقيق مذهبي پيشوائن جي خود ساختہ عقيدن جي خلاف ثابت ٿي تنهنڪري انهن هنجي مخالفت شروع ڪري ڇڏي، ايتري قدر جو گليليو کي يونيورسٽي جي ملازمت تان خارج ڪيو ويو. انهيءَ سال (١٩٥١ع ۾) هنجي والد جو بہ انتقال ٿي ويو جنهنڪري گهريلو ذميدارين جو بار بہ مٿس اچي پيو پر خوشقسمتيءَ سان کيس وري بہ پادوا (Padua) يونيورسٽيءَ ۾ علم رياضيءَ جي شعبي ۾ جڳهہ ملي ويئي.

گليليو اتي اٽڪل ١٨ سال رهيو ۽ يونيورسٽيءَ ۾ سندس ترقي ٿيندي رهي. انهيءَ دوران هن پهريون ٿرماميٽر ايجاد ڪيو. گليليو جي دور رس علمي نگاهن سندس ايجاد ڪيل اوزارن جي مدد سان آسمانن جي دنيا جي کوجنا جو ڪم شروع ڪيو ۽ انهيءَ ”آسماني جنت“ ۾ مداخلت ڪئي جنهنجو تصور بہ

مذهبي پيشوائن جي خيال ۾ سخت قسم جي گستاخي هئي. ان صورتحال جي شروعات هڪ نئين تاري جي دريافت سان ٿي. گليليو جي مشهور ايجاد "دوربين" انهيءَ زماني جو يادگار آهي. حقيقت اها آهي ته دوربين جو اصل موجد گليليو نه پر هڪ ٻيو سائنسدان "هينزليپرشي" آهي پر ان اوزار جي ترقي ۽ ان کان صحيح ڪم وٺڻ جو سهرو گليليو جي سرتي آهي.

هن دوربين جي طاقت ۾ مسلسل اضافا ڪيا ۽ انجي ترقي يافته شڪل ۾ سوين دوربينون پنهنجي هٿ سان ٺاهيون. هي اوزار ايترو ته مقبول ۽ مفيد ثابت ٿيو جو يورپ ۾ انجي ڪافي کپت ٿيڻ لڳي. گليليو جي دوربين سان چنڊ جي دنيا جو جائزو ورتو ويو ۽ چنڊ جي روشني، تاريڪي، غروب ۽ طلوع جا اسباب پهريون دفعو دنيا جي علم ۾ آيا. اهڙيءَ طرح ڪهڪشان جي حقيقت جو پڻ انڪشاف ٿيو ۽ معلوم ٿيو ته اهو ٻه تارن جو هڪ مجموعو آهي. مشتري گره کي ٻه سپ کان پهرين گليليو ٧ جنوري ١٦١٠ع تي ڏٺو.

سيپٽمبر ١٦١٠ع ۾ گليليو وري فلورنس ويو. اتي هن دوربين ذريعي جيڪي دريافتون ڪيون تن سندس شهرت ۽ مقبوليت ۾ حيرت‌انگيز اضافو ڪيو ۽ کيس اعزازن ۽ وظيفن سان نوازيو ويو. ١٦١١ع ۾ هو روم ويو جتي ٽيليسڪوپ جي عجائبات جي نمائش کانپوءِ مذهبي حلقن ۾ هنگامو برپا ٿي ويو ۽ ڪيترن ئي مذهبي رهنمائن گليليو جي تحقيقات ۽ دريافتن جي کليل مخالفت شروع ڪئي. پنهنجي مخالفن کي قائل ڪرڻ لاءِ هن گهڻيئي دليل پيش ڪيا پر هنن سندس



گليليو روم جي پادرين کي پنهنجي ٽيلي اسڪوپ ذريعي آسمان جا نظارا ڏيکاري رهيو آهي.

هڪ به نه ٻڌي. اعليٰ مذهبي رهنمائن جي هڪ خاص اجلاس ۾ گليليو جي ڪوجنائن تي غور ڪيو ويو. مذهبي رهنمائن انهيءَ نظريه کي مذهب ۽ قديم فلسفه جي خلاف قرار ڏنو ته سج ڪائنات جي وچ ۾ جامد ۽ بي‌حرڪت بيٺل آهي ۽ زمين انجي چوڌاري ڦري رهي آهي. انجي برعڪس پادرين جو عقيدو اهو هو ته زمين بي حرڪت آهي ۽ سج انجي چوڌاري ڦري رهيو آهي. نيٺ اها فتوا ڏني ويئي ته گليليو پنهنجي نظرين جي تبليغ ۽ اشاعت بند ڪري ڇڏي. گليليو اهو حڪم ٻڌي خاموشي اختيار ڪئي ۽ ڏس مهنن کانپوءِ فلورنس واپس موٽي آيو. ستن سالن تائين هو خاموشيءَ جي زندگي بسر ڪندو رهيو ۽ انهيءَ وچ ۾ ڪابه اهڙي ڳالهه نه ڪيائين جيڪا پاپاءِ روم جي حڪم جي خلاف هجي. ستن سالن کانپوءِ جڏهين هو گوشه نشينيءَ کان ٻاهر نڪتو ته هن هڪ ڪتاب شايع ڪرايو جنهن ۾ نظام شمسي يا سورج منڊل جي باري ۾ سندس نظرين جي وضاحت ڪيل هئي. ڪافي بحث مباحثه کانپوءِ ان ڪتاب تي به بندش وڌي ويئي ۽ گليليو کي روم سڏايو ويو. ١٣- فيبروري ١٦٣٣ع هي پوڙهو فاضل روم پهتو جتي مذهبي رهنمائن جي عدالت ۾ کيس ٽي سال قيد جي سزا ڏني ويئي. سزا جي مدت ختم ٿيڻ کانپوءِ گليليو پنهنجي زندگيءَ جا باقي اٺ سال نهايت خاموشيءَ ۾ گذاريا جو ته سندس آزاديءَ لاءِ اهو هڪ اهم شرط هو. ٨ جنوري ١٦٤٢ع تي ڪائنات جي اسرارن جو پتو لڳائيندڙ هن عالم جون صداقت پريل اکيون هميشه لاءِ بند ٿي ويون.

گليليو جو علمي ۽ تحقيقي ڪارنامو هن جون اهي دريافتون آهن جيڪي دوربين جي ذريعي معرض وجود ۾ آيون. جيتري قدر سائنس جي نظرياتي تڪميل ۽ تحقيق جو تعلق آهي، ان ۾ هن ڪوبه امتيازي ڪم ڪونه ڪيو پر ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته نگاه جي حد ۾ ايندڙ ڪائنات جي حدن ۾ هن گهڻي توسيع ڪئي ۽ انسان جون نگاهون هنجي ايجاد ڪيل ٽيلي اسڪوپ جي مدد سان ايترو ته پري تائين پهچي ويون جو تارن‌جي علم ۾ هڪ انقلاب اچي‌ويو. اڄ جتي گليليو جي حق گوئي، قوت مشاهده جو ڪمال، راست بازي ۽ شخصي عظمت جو اعتراف ڪيو وڃي ٿو، اتي علم نجوم ۾ هنجون انقلابي دريافتون به اڄوڪي دور جي سائنسدانن جي رهنمائي ڪري رهيون آهن.




# پٽ ڪيئون ( Silk Worm )

دنيا ۾ قدرت جيڪا شيءِ پيدا ڪئي آهي تنهن جو ڪونه ڪو مقصد ضرور هوندو آهي. مثال طور پٽ ڪيئون، جيڪو ١٨٠٠ع کان اڳ ڪنهن به ڪم جو نه هو، هن وقت ان مان هڪ قيمتي تند ورتي وڃي ٿي جنهن مان اسان ريشمي ڪپڙو ناهيون ٿا. پٽ هٿ ڪرڻ لاءِ اسان کي اهي جيت پالڻا پون ٿا ۽ سندن رکوالي ڪرڻي پوي ٿي ۽ مقرر وقت تي پٽ (ريشم) حاصل ڪيو وڃي ٿو.

اهو هڪ اتفاق هو جڏهين چين جي هڪ عورت "سي لنگ چي" باغ ۾ ڪيئين جي کوپي (Cocoon) کي جاچي رهي هئي ته اهو سندس هٿ مان ڪري پيو ۽ چانهه جي ڪوپ ۾ وڃي پيو. جڏهن هن ان کوپي کي آگر سان ڪڍيو ته اهو تندن ۾ تبديل ٿي ويو. جنهن کان پوءِ سندس ذهن ۾ انهن تندن کي گڏ ڪري ڪپڙي ناهڻ جو خيال آيو. ان لاءِ سندس مڙس "هونگ" سندس همت افزائي ڪئي ۽ کيس ڪيڙن پالڻ ۾ مدد ڪئي. اهو راز چين وارن لڪائي ڇڏيو ليڪن انهي جي باوجود ڪجهه جيت ٻين ملڪن ۾ به پهچي ويا. هنن جيتن کي توت (Mulburry) جي پنن تي پالبو آهي. انهي ڪري جڏهين به توت جا وڻ ساوا پن ڪيندا آهن ته چين جا رهاڪو مسز سي لنگ چي جي ياد ملهائيندا آهن.

اڳيئن وقت ۾ آمريڪا ڏانهن ڪجهه جيت آندا ويا ليڪن ڪو خاص مقصد حاصل ڪونه ٿيو. اڄڪلهه ريشم تمام سستي نموني هٿ ڪيو وڃي ٿو. ڪيترائي قسم پوپٽن جا آهن جيڪي پاڻ کي لڪائڻ ۽ زندگي کي وڌائڻ لاءِ پنهنجي مٿان ڌاڳن جو هڪ گهر (Cocoon) ناهين ٿا. ان گهر کي قدرت صرف سندن بچاءَ لاءِ جيتن ۾ ناهڻ جي صلاحيت پيدا ڪئي آهي ليڪن انسان وري ان کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪيو آهي.

عام طرح اهڙن جيتن جا صرف ٽي قسم آهن :-

(١) بامبيڪس موري. Bombyx Mori

(٢) انٿيروئيا پيپيا. Antherooea Pabhia

(٣) آٽاڪس آٽاس. Attacus attas

## پٽ ڪيئن جي حياتيءَ جو چڪر :-

**پوپٽ** Math- نوجوان پوپٽ مضبوط ڪريمي اڇي رنگ جو ٿيندو آهي. اڳين پرن تي ڪيتريون ٽيليڪون هونديون آهن ۽ چلڻ سان ڍڪيل هئڻ سبب اڏامڻ لاءِ استعمال ڪونه ڪيا ويندا آهن. کيس ڏنگ (Pcobosis) ڪونه ٿيندو آهي. سچون (Antenae) ٻنهي طرف ڦٽي جي ڏندن وانگر ٻنهي نر ۽ مادي ۾ ساڳئي قسم جون ٿينديون آهن. پوپٽ جو سڄو جسم وارن سان ڍڪيل هوندو آهي. سندس زندگي صرف ٻن يا ٽن ڏينهن جي ٿيندي آهي ۽ انهي عرصي ۾ پوپٽ کي کاڌو کونه کپي، هو صرف وڌندو رهندو آهي. مادي پوپٽ ٣٠٠ کان ٥٠٠ ٻچن جهڙا اڇا آنا لاهيندي آهي.

(٢) **آنا** Eggs- مادي پوپٽ هر انهي مٿاڇري جي مٿان آنا لاهيندي آهي جنهن مٿان آها ويهندي آهي. تازا لاٿل آنا اڇا، ملائي رنگ جا ٿيندا آهن ليڪن ڪجهه وقت کان پوءِ انهن جو رنگ پورو ٿي پوندو آهي. نوجوان جيت ٨، ١٠ ڏينهن کان پوءِ آنن مان نڪري ٻاهر ايندا آهن.

(٣) **للروا** Larva- ننڍون ڇاول جيت، مادو، گول، اڇي رنگ

داڻ داڻ هوندي آهي جيڪا ابتي وي(V) اکر جي صورت ۾ ٿيندي آهي. انهيءَ داڻ داڻ ۾ ذائقي معلوم ڪرڻ جي وڌيڪ قوت هوندي آهي. زبان جا هيٺيان ڪم ٿيندا آهن :-

(۱) ڪاڌي کي وات ۾ اڳتي پوئتي ڪرڻ تہ جيئن ڪاڌو چڱيءَ طرح سان چٻاڙ جي (۲) ذائقو محسوس ڪرڻ (۳) ڳالهائڻ ۾ مدد ڪرڻ (۴) ڪاڌي کي ڳيهڻ ۾ مدد ڪرڻ .

وات ۾ پڪ جون ڳوڙيون يا غدود (Salivary Glands) ۾ ٿيندا آهن. اهي پڪ وارا غدود وات جي اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي تن هنڌن تي رکيل هوندا آهن. هڪڙا ڳل جي اندرئين پاسي ڄاڙيءَ جي هيٺان, جن کي "ڄاڙيءَ وارا غدود" چئبو آهي. ٻيا زبان جي هيٺان جن کي "زير زبان" ڳلڦڙا سڏبو آهي ۽ ٽيان ڳل جي ٻاهرئين پاسي, ڪن جي اڳيان, ڳل وارين مشڪن ۽ چمڙيءَ جي وچ ۾ هوندا آهن. پڪ وارا غدود هڪ شفاف لڳ لڳدار, ڳهاٽيرڙي ۽ پٽڙي رس ٺاهيندا آهن. جيڪڏهن ان کي ڪجهہ وقت لاءِ هڪ هنڌ رکي ڇڏبو تہ جمي پوندي ڇاڪاڻ تہ منجهس جيڪي لوڻ پيل آهن سي نهري صورت وٺي وڃي تر ۾ پوندا آهن. پڪ ۾ هڪ قسم جي ٻي رس ٿيندي آهي جنهن کي ٽائلين (Ptyline) چئبو آهي. ان جي مدد سان پڪ ڪاربو هئڊريٽس ۽ نشاستي کي ڦيرائي کنڊ جي صورت ۾ آڻيندي آهي. پڪ تمام جلد تيار ٿيندڙ رس آهي, جو جو اها ڪاڌي جي وات ۾ پوڻ شرط ان جي ڪن جزن کي هضم ڪرڻ لاءِ هڪدم نڪري نروار ٿيندي آهي.

۲- **معدو:-** معدو بہ ڪاڌي هضم ڪرڻ جو مکيہ عضوو آهي. معدو هڪ ٿيلهي وانگر هوندو آهي جنهن ۾ هڪ طرف کان ڪاڌي جي نلي داخل ٿيندي آهي ۽ ٻئي طرف کان ننڍو آنڊو ٻاهر نڪرندو آهي. معدو پنهنجي مشڪن جي مدد سان ڪاڌي کي پنهنجي اندر ولوڙيندو رهندو آهي. معدي جي اندرئين تہ تي هڪ قسم جو تمام نفيس پردو آهي جنهن کي "ميوڪس ميمبرين" (Mucous Membrane) چئبو آهي. معدي ۾ اندر ننڍڙا ننڍڙا غدود هوندا جن مان وقت بوقت گئسٽرڪ (Gastric) نالي هڪ رس نڪرندي آهي جا ڪاڌي جي نائٽروجني جزن کي هضم ڪندي آهي جڏهن ڪاڌو معدي ۾ داخل ٿيندو آهي تہ اتي اٽلي پٽلي پتڙي صورت اختيار ڪندو آهي جنهن کي نيم هضم ڪاڌو ڪري چئبو آهي.

**۳- آنڊو** - آنڊو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي: (۱) ننڍو آنڊو (۲) وڏو آنڊو. هي ٻئي پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندا آهن ۽ سندن ڳنڍجڻ جي هنڌ تي هڪ قسم جو ڍڪڻ رکيل آهي جيڪو ڦوڪ ۽ پاڻيءَ کي ننڍي آنڊي مان وڏي آنڊي ڏي وڃڻ ڏئي ٿو ۽ انجي ابتڙ وڃڻ کان روڪيندو آهي. ڪاڌو معدي مان ننڍي آنڊي ۾ داخل ٿيندو آهي جتي اڻ هضم ٿيل سٽپ, نيم هضم ٿيل نشاستيدار ۽ نائٽروجني جزا باقي رهجي ويندا آهن. انهن جزن تي ٻن رطوبتن جو اثر ٿيندو آهي جنهنڪري هاضمي جو ڪم اڳتي وڌندو آهي. انهن رطوبتن مان هڪ کي "جيري جي رطوبت" چئبو آهي جيڪا هڪ نليءَ جي ذريعي جيري مان آنڊي ۾ داخل ٿيندي آهي. ان جو خاص ڪم سٽپ کي هضم ڪرڻ ۽ جيوڙن کي مارڻ هوندو آهي. ٻي وري "ٻلٻلي يا شيردان جي رطوبت" هوندي آهي جيڪا هڪ نليءَ جي ذريعي ننڍي آنڊي ۾ داخل ٿيندي آهي. هن جو ڪم آهي اڳيئي هضم ٿيل نائٽروجني جزن ۽ سٽپ کي وڌيڪ هضم ڪرڻ. ان کان پوءِ ڪاڌو وڏي آنڊي ۾ داخل ٿيندو آهي, جنهن ۾ هاضمي جو ڪيميائي عمل جاري رهندو آهي. هضم ٿيل ڪاڌو رت ۾ شامل ٿيندو رهندو آهي. جڏهن هضم ٿيڻ جوڳيون شيون هضم ٿي وينديون

( بقايا ڏسو صفحو ۳۱ )




# راڪيٽ يا هٽرادو گرہ ڪيئن ٿا اڏامن

## بنيادي اصولن بابت ڪي سولا تجربا



(١) ٽين جو هڪ گول خالي دٻو ڪڻو. انجي ٻن پاسن کان ڪوڪي ۽ مترڪي سان سوراخ ڪري انهن سوراخن جي وچ ۾ تي فوٽ ڊگهو ڌاڳو ٻڌو. دٻي ۾ هڪ يا سوا انچ جيترو پاڻي وجهو. هاڻي ڌاڳي کي بلڪل وچ مان جهلي دٻي کي مٿي کڻو ۽ انکي عمودي دائره ۾ گهايو. توهين ڏسندا تہ دٻو جڏهين توهانجي مٿي تان لنگهندو تہ ان مان پاڻي هيٺ نہ ڪرندو. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ سينٽريفيوگل فورس (Centri fugal Force) پاڻيءَ کي هيٺ ڪرڻ نٿو ڏئي.

انجو مطلب بين اکرن ۾ ائين ٿيندو تہ شيون جڏهين تيزيءَ سان گردش ڪن ٿيون تہ آهي مرڪز ڏانهن ڇڪجڻ جي بدران ان کان پري پري رهنديون. ساڳيءَ ريت هٽرادو گرہ جڏهين تيزيءَ سان گردش ڪريٿو تہ انتي زمين جي ڪشش جو اثر نٿو پوي.

(٢) سبڻ جي مشين ۾ استعمال ٿيندڙ ڌاڳي جو هڪ خالي ريل ڪڻو ۽ انجي وچئين سوراخ مان ٽي فوٽ ڊگهو ڌاڳو وجهي، انجي هر ڇيڙي تي ڪو



وزن ٻڌو (چيڪي مٽيءَ مان ٺاهيل بال ان مقصد لاءِ بهتر ٿيندو) بال ٺاهڻ وقت آلي مٽيءَ جي وچ ۾ ڌاڳو رکي ڇڏيو تہ سڪڻ کانپوءِ اهو انسان گڏ ڄمي ويندو. هڪ بال جو قطر ٢ يا ٣ - انچ هجي ۽ ٻئي بال جو اٽڪل هڪ انچ هجي. هاڻي ريل کي پنهنجي آڱرين جي وچ ۾ ائين جهليو جو ڌاڳو توهانجي آڱرين کي نہ ڇهي سگهي. پوءِ هڪ هٿ سان هيٺئين وڏي بال کي هڪ هنڌ جهليو ۽ ٻئي هٿ سان (جنهن ۾ ريل جهليل هجي) ننڍي بال کي گولائيءَ ۾ ڦيرايو. هاڻي هيٺئين بال کي ڇڏي ڏيو ۽ بال هڪئي جاءِ تي بيٺل هوندو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هڪ طاقت ٻہ رڳو ٻيءَ طاقت جو توازن قائم رکي ٿي پر ان تي حاوي پڻ ٿئي ٿي. هٽرادو گرہ يا راڪيٽ بہ اهڙيءَ ريت زمين جي چوڌاري چڪر لڳائيندا رهن ٿا.



(٣) پلاسٽڪ جو پاڻي پيڻ جو گلاس ڪڻي انکي زمين تي پاسيرو ڪري رکو ۽ ان ۾ سنگمرمر يا مٽيءَ جو ٺهيل هڪ بال وجهو. هاڻي گلاس کي پٺئين پاسي کان هٿ سان ٿورو هلڪو ڌڪو ڏيو. توهين ڏسندا تہ گلاس اڳتي نہ وڌندو پر بال ان مان نڪري اڳتي هليو ويندو. هٽرادو گرہ بہ ڪنهن موٽر يا انجڻ کانسواءِ انهيءَ اصول تي خلا ۾ اڳتي وڌندا آهن.

[ بقايا ڏسو صفحو ٣١ ]

MONTHLY **Science** MAGAZINE

Approved by the Directorate of Education, Hyderabad Region

Vol: 2 JUNE 1972 No. 6

چونڊ ڪهاڻيون



ٻارن لاءِ دلچسپ ۽ نصيحت آميز آکاڻين جو

باتصوير فيچر

الف ليليٰ جي مشهور آکاڻي "علاؤالدين ۽ جادوءَ جو ڏيئو"
باتصوير (قسط وار) ۽ ان سان گڏ ٻين بهترين آکاڻين جو
مجموعو، هر مهني ۾ ٻه دفعا شايع ٿي رهيو آهي

"سنڌي ڪتاب مرڪز حيدرآباد سنڌ".

Printed by Aijaz Mohammed Siddiqui Manager Sind University Press, Hyderabad Sind
& Published by the Manager, Monthly "Science", Institute of Chemistry, University of Sind-Jamshoro